# مسجد بڻائڻ انبياءَ جي سُنت آهي

## 17-August-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

17 آگسٽ، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو

# مسجد بڻائڻ انبياءَ جي سُنت آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... مسجد ٺاهڻ انبياءَ جي سنت آهي

✿... محدث اعظم پاڪستان ۽ تعميراتِ مساجد

✿... مسجد ٺاهڻ جي فضيلتن بابت 2 حديثون

✿... الله وارن جون مبارڪ عادتون

✿... مسجد جي بي ادبي جون ڪجھ صورتون.

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم باهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ اڳتي وڌي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هاڻي جبريلِ امين عَلَیْہِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ ان عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي اعمال نامي ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[(2)]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] حلية الاولياء ،جلد:1،صفحه:120

[2]... حدائقِ بخشش، صفحه:209۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورت مهل سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس.اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هجرت جو سفرءِ مسجدن جي تعمير

اسان جي پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تقريباً 40 سال جي عمر ۾ اعلان نبوت فرمايو، ان کان بعد 13 سال تائين مڪي شريف ۾ تشريف فرما رهيا ۽ نيڪي جي دعوت ڏيندا رهيا. گهٽ مان گهٽ 53 سال جي عمر مبارڪ ۾ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حڪم سان مڪي شريف کي الوداع چئي مدينہ منوره جي طرف هجرت ڪئي.

ربيع الاول جي 12 تاريخ تي[2] جڏهن پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يارغار يار مزار حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ الله عَنْه سان گڏ قبيلہ عمروبن عوف ۾ تشريف کڻي آيا، هي جڳهہ مديني شريف کان 3 ميل جي فاصلي تي هئي، پياري آقا، مڪي مدني

[1] بخاري، كِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

[2] مدارج النبوة ،قسمِ دوم ،باب چهارم ،جلد:2 ،صفحہ:63 ۔

مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتي ڪجهه ڏينهن قيام فرمايو ۽ هن مقام تي هڪ مسجد جو بنياد رکيو.[1] هي تاريخ اسلامي جي سيني ڪان پهرين مسجد هئي، جنهن کي مسجد قُبا جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هن مسجد جي فضيلت ۾ ربّ ڪائنات جو هي مبارڪ ارشاد قرآنِ ڪريم جي مقدس صفحن تي قيامت تائين جڳمائيندو رهندو.

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ یَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِیْهِ ؕ

(پاره:11، التوبہ: 108)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اها مسجد جنهن جو بنياد پهرين ڏينهن کان پرهيزگاري تي رکيو ويو هو، اها هن جي حقدار آهي تہ توهان ان ۾ بيهو.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قُباءَ نالي جڳهہ تي 14 يا 24 ڏينهن قيام فرمايو، ايترن ڏينهن ۾ قُباء مسجد جي تعمير مڪمل ٿي چڪي هئي، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ قبيلہ بنو سالم وٽ ترسيا، هتي پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريون جمعو ادا فرمايو، هي جمعو جنهن مسجد ۾ ادا ڪيو ويو هيو، اها مسجد اڄ بہ "مسجدِ جمعہ" جي نالي سان مشهور آهي ۽ زيارت جو مرڪز بڻيل آهي.[2]

پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدينہ منوره تشريف کڻي آيا، هتي اچي بہ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان پهريان جيڪو ڪم سرانجام ڏنو، ان ۾ هڪ اهم ترين ڪم هي هيو تہ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ زمين خريد فرمائي ۽ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ هٿن سان اُتي مسجد جو بنياد رکيو، هي اها مبارڪ مسجد آهي جنهن جا امام ڪي ٻيا نہ بلڪ پاڻ امام الانبياء، محبوب خدا صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هئا.

---

[1] دلائل النبوة للبيهقی، باب من استقبل رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلہٖ وَ سَلَّم...الخ،جلد:2 ،صفحہ:500 خلاصةً۔
[2] سيرتِ مصطفےٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلہٖ وَسَلَّم ،صفحہ:175 بتغير قليل۔

ھي ”مسجد نبوي“ آھي.[1] جنھن کي دنيا جي ٻئي افضل مسجد ھجڻ جو اعزاز حاصل آھي.

مسجد نبوی کے محراب اور منبر پر درود | سبز گنبد اور ہر مینار پر لاکھوں سلام

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو ھي اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مکي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت جو نھايت حسين پھلو آھي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر دوران جتي جتي ترسيا، اُتي اُتي مسجد جو بنياد رکي رھيا ھئا. قُباء ۾ تشريف آندائون تہ مسجد قباء جو بنياد رکيو. قبيلہ بنو سليم ۾ تشريف کڻي آيا تہ پھريون جمعو اُتي ادا فرمايو ۽ ان مسجد جو نالو مسجد جمعہ رکيو ويو. پوءِ مديني پاڪ تشريف کڻي آيا تہ ھتي بہ مسجد جو بنياد رکيائون ھن مان خبر پئي تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاھ مبارڪ ۾ مسجد جي ڪيتري اھميت آھي.

## مسجد معاشري جو مرڪز آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مسجد اسان جو بنيادي مرڪز آھي، معاشري جي حُسن، ترقي، ڪاميابي ۽ بھتري جي ابتدا بہ مسجد کان ئي ٿيندي ھئي ۽ انتھا بہ مسجد ئي کان ٿيندي آھي. اھل اسلام جو اھو شھر، اھو ڳوٺ، نامڪمل آھي، جتي مسجد موجود ناھي. ھي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو پيارو وصف آھي جو ھو بلند رُتبي وارا حضرات جتي تشريف کڻي ويندا ھئا، اُتي سيني کان پھريان مسجد جو بنياد رکندا ھئا، ايستائين جو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي پنھنجي رھائش جو فڪر نہ ھوندو ھو بلڪ انھن کي فڪر ھوندو ھو تہ مسجد ٺاھڻ جو فڪر ھوندو ھو.

---

[1] سيرتِ مصطفےٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ،صفحہ:181-182 خلاصةً ـ

## مسجد بڻائڻ انبياءِ جي سنت آهي

ڏسو! 3 حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن دنيا ۾ تشريف کڻي آيا ظاهر آهي تڏهن هي دنيا ويران هئي، صرف 2 ئي انسان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندس زوجہ محترمہ بيبي حواء هئي، هي مکان، هي کوٺيون، عاليشان محل وغيره ڪجهہ بہ نہ هيو، ان ماحول ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي هتي زمين ۾ اچي ڪري جنهن شيءِ جو فڪر ٿيو، اهو مسجد بابت هيو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام دنيا ۾ تشريف آڻي سيني کان پهريان مسجد جي تعمير ڪئي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام سري لنڪا تشريف کڻي آيا، اُتان پيدل هلي ڪري مکي شريف تشريف کڻي آيا ۽ ڪعبہ شريف جي تعمير ڪئي. انهيءَ طرح طوفان نوح کان بعد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي شريف جي بہ پيرا تعمير ڪئي، پاڻ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي سندس والده سان گڏ مکي پاڪ جي غيرآباد وادي ۾ ڇڏي ويا، پوءِ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قرباني جو واقعو پيش آيو، ڪيتريون قربانيون پيش ڪرڻ کان بعد حضرت ابراهيم

عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي شريف جي تعمير جو شرف حاصل ڪيو. مسجد اقصيٰ جتي پيارا آقا، معراج جا گهوٽ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شب معراج تشريف وني ويا، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام کي نماز پڙهائي، هن مبارڪ مسجد جو بنياد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي پوٽي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام رکيو، پاڻ سفر تي هئا، هڪ هنڌ تي آرام فرمايائون، اُتي ڪائنس پهرين وحي نازل ٿي، تنهنڪري انهي هنڌ تي هڪ مسجد جو بنياد رکيو، (بعد ۾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ان جي تعمير ڪئي).[1]

## اوهان جو گهر ڪهڙو آهي؟

الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اها هستي آهن جو پاڻ

[1] انس الجليل لمجير الدين حنبلى،جلد:1 ،صفحہ:71 خلاصۃً۔

عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي لاءِ ڪو مڪان بڻايو ئي نہ هيو، هڪ ڀيري ڪنهن پاڻ کان پڇيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام ! اوهان جو گهر ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: مسجد منهنجو گهر آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمِ السَّلَام جو مبارڪ ڪردار..!! هن مان معلوم ٿيو تہ. هڪ اسلامي معاشري جو اهم ترين بلڪ بنيادي مرڪز مسجد آهي. ❁ مسجد اسلام جي سڃاڻپ آهي. ❁ دين جي علامت آهي. ❁ ۽ هڪ مسلم معاشري جي عزت ۽ وقار جو بلند ترين مينار آهي.

## زمين جو بهترين ٽڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد جي اهميت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو تہ مسجد کي زمين جو سڀني کان بهترين حصو قرار ڏنو ويو آهي. هونئن سڄي زمين الله پاڪ جي آهي، سڄي زمين جو خالق، ستن ئي آسمانن جو خالق ربّ تعالي ئي آهي پر زمين جو اهو ٽڪرو جنهن کي مسجد جي لاءِ خاص ڪيو ويو هجي، ان سرزمين جي شان ئي نرالي آهي. صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿيو تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي فرمايو: اَیُّ البقاعِ خَيۡرٌ يعني اي جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام! زمين جو ڪهڙُو حصو بهتر آهي؟ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: لَا اَدۡرِی يعني يارسول الله(صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان نٿو ڄاڻان. فرمايائون: پوءِ الله ڪريم سان ان جي باري ۾ سوال ڪر! معلوم ڪيو تہ زمين جو ڪهڙو حصو بهتر ۽ پسنديده آهي.

---

[1] مصنف ابنِ ابی شیبہ،کتاب الزہد ،باب ما قالوا فی البکاء من...الخ،جلد:8 ،صفحہ:321،حدیث:187۔

هي ٻڌي (بارگاهِ الٰهي جي آداب جو خيال ڪندي) حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام روئي ڏنو ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪٿي ايترو حق جو مان الله پاڪ کان ڪجھ پڇان، اهو جيڪو چاهيندو آهي، اسان کي علم عطا فرمائيندو آهي. پوءِ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام آسمانن ۾ ويا، ڪجھ دير کان بعد واپس اچي عرض ڪيو: خَيۡرُ الۡبِقَاعِ الۡمَسَاجِدُ بُيُوتُ اللهِ فِي الۡاَرۡضِ يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! زمين جو سڀني کان بهترين حصو مسجدون آهن، هي زمين الله پاڪ جا گهر آهن.

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري پڇيو: اَيُّ الۡبُقَاعِ شَرٌّ يعني اي جبريل! زمين جو بدترين حصو ڪهڙو آهي؟ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام وري آسمان تي ويو، ڪجھ دير کان بعد واپس اچي ڪري عرض ڪيو: شَرُّ الۡبِقَاعِ الۡاَسۡوَاقُ زمين جو بدترين حصو بازارون آهن. [1]

حڪيم الامت مفتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهيءَ مفهوم جي هڪ حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: مسجدن ۾ اڪثر ذڪرالله(مثلاً، نماز، جماعت، خطبو، بيان ڪرڻ ٻڌڻ وغيره) جي لاءِ حاضري ٿيندي آهي ۽ بازرن ۾ اڪثر ڪوڙ، فريب، غيبت وغيره (گناه وڏيڪ هوندا آهن، انهي ڪري مسجدون بهترين مقام آهن ۽ بازار زمين جو بدترين حصو آهي.)[2]

## اولياءِ ڪرام ۽ مسجدن جي تعمير

اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ انبياء و اولياء! مسجد ٺاهڻ جهڙي انبياءِ ڪرام جي مبارڪ سُنت آهي، ايئن ئي اولياءِ ڪرام جو مبارڪ طريقو بہ آهي. الحمدلله! اولياءِ ڪرام جو بہ اهوئي انداز رهيو آهي تہ جتي تشريف وني ويندا

---

[1] معجم اوسط،جلد:5، صفحہ:223، حدیث:7140۔

[2] مرآۃ المناجیح، جلد:1، صفحہ:433۔

هئا، اُتي ضرور مسجد شريف جي تعمير ڪندا هئا. بلڪ سچ ته اهيو آهي ته اڄ اسان کي گهڻي ڀاڱي ۾ جيڪي مسجدون نظر اچن ٿيون، هي انبياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام جو ئي فيضان آهن.

## محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ مسجدن جي تعمير

حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي مسجدون ٺهرائڻ جو ڏاڍو شوق هو. فيصل آباد (پنجاب پاڪستان) تشريف وٺي اچڻ کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيترين ئي مسجدون تعمير ڪرايون ۽ ڪيئي مسجدن جو سنگِ بنياد پاڻ رکيائون.

هي يقيناً حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪرامت ئي آهي جو پاڻ سفر دوران ڪهڙي به غير آباد جڳهه تي نماز ادا فرمائيندا هئا ته اها جڳهه آباد به ٿي ويندي ۽ ان جڳهه تي مسجد به تعمير ٿي ويندي هئي. هڪ ڀيري پاڻ سفر دوران اڏي مُريد والا (ضلع فيصل آباد) ۾ نمازِ عصر ادا فرمائي، ويجهو هڪ نهر مان وضو ڪيائون: ان وقت اتي نه آبادي هئي، نه ڪا مسجد، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه خالي جڳهه نماز ادا ڪئي، نماز کان بعد دعائيه انداز ۾ فرمايائون: ڪاش! جو هتي سُنين جو هڪ مدرسو ۽ هڪ مسجد هجي ته هي جڳهه آباد ٿي وڃي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هاڻي اها جڳهه آباد آهي ۽ اتي عاشقانِ رسول جو هڪ مدرسو ۽ شاندار مسجد تعمير ٿي چڪي آهي.[1]

## نماز ادا ڪرڻ جي برڪت سان مسجد تعمير ٿي وئي

ائين ئي هڪ ڀيري حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪنهن ديني جلسي ۾ شرڪت جي لاءِ ساهيوال تشريف وٺي ويا. واپسي تي خانيوال جي طرف

[1] حيات مُحَدِّثِ اَعْظَم ،صفحه:117۔

سفر ٿيو، ان سفر دوران پاڻ فجر جي نماز خانيوال اسٽيشن تي ادا ڪيائون، انھن ڏينھن ۾ خانيوال اسٽيشن تي مسجد نہ ھئي (اَلْحَمْدُ لِلّٰه! حُضور محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جنھن جڳھ نمازِ فجر ادا فرمائي ھئي، ھاڻي اتي عاليشان مسجد موجود آھي.[1]

## دعوت اسلامي مسجد ٺاھيو تحريڪ آھي

اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ صحابہ و اولياء! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي فيضان انبياء بہ آھي، فيضان صحابہ بہ آھي، فيضان اھل بيت بہ آھي ۽ فيضان اولياء بہ آھي. جيئن انبياءِ ڪرام مسجدون تعمير ڪندا ھئا، اولياءِ ڪرام مسجدون تعمير ڪندا ھئا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! انھن جي فيضان سان دعوت اسلامي بہ مسجد ٺاھيو تحريڪ بہ آھي ۽ نمازي ٺاھيو تحريڪ بہ آھي يعني دعوت اسلامي مسجد ٺاھيندي بہ آھي، وري ان کي آباد بہ ڪرڻ، مسجدن ۾ نمازي وڌائڻ جي لاءِ بہ پوري ڪوشش ڪندي آھي.

## شعبہ خدام المساجد والمدارس جو تعارف

دعوت اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ سنتن جي خدمت ۾ مشغول آھي. انھن شعبن مان ھڪ شعبو خُدام المساجد والمدارس بہ آھي. ھن شعبي جو ڪم نئي مسجدون ۽ مدرسا ناھڻ آھي.

## شعبہ خدام المساجد جي ڪارڪرگي

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي جي زير اھتمام ھاڻي تائين: 4533 مسجدن جي تعمير ٿي چڪي آھي وڌيڪ 931 مسجدن جي جڳھ خريد ڪئي وئي آھي. ھڪ مسجد ٺاھڻ جو گھٽ ۾ گھٽ 18 کان 20 لک خرچ ٿيندو آھي. ويجھڙائي ۾ جڏھن

[1] حيات محدث اعظم،صفحہ:117۔

غيرمسلمن قرآن پاڪ کي معاذالله نذرآتش ڪيو ته اميراهل سنت پنهنجو مذمتي بيان رڪارڊ ڪرائيندي فرمايو: ته اسان قرآن پاڪ جي 540 رڪوع جي نسبت سان 540 مسجدون فيضان قرآن جي نالي سان بڻائينداسون ۽ گڏوگڏ هي به اعلان فرمايائون: ته ماه رمضان المبارڪ کان پهريان تعمير ڪري اُن ۾ نمازون به پڙهڻ شروع ڪرڻيون آهن. الحمدلله هاڻي تائين فيضان قرآن مسجد جي لاءِ 319 مقام فائنل ٿي چڪا آهن ۽ 80 مسجدن جو سنگ بنياد رکجي چڪو آهي ۽ 6 هنڌن تي باقاعده نمازن جو آغاز ٿي چڪو آهي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پے جہاں میں
اے دعوت اسلامی تری دھوم مچی ہو

## مسجد بڻائڻ جي فضيلت

اي عاشقانِ رسول! مسجد بنائڻ يا ان جي تعمير ۾ حصو وٺڻ وڏي فضيلت جو ڪم آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا یَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِ
(پاره: 10، التوبه:18)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله جي مسجدن کي اهي ئي آباد ڪندا آهن جيڪي الله ۽ قيامت تي ايمان آڻيندا آهن.

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: (معلوم ٿيو،) مسجد بنائڻ، ان کي آباد ڪرڻ يا اتي باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو شوق صحيح مؤمن هجڻ جي علامت آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اهڙن ماڻهن جو خاتمو ايمان تي ٿيندو.[1]

[1] تفسير نعيمی، پاره:10، سورهٔ توبہ، زيرِ آيت: 18، جلد:10، صفحہ:204۔

## مسجد بڻائڻ جي فضيلتن بابت ۾ حديثون

(1) الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ مسجد بڻائيندو الله پاڪ ان جي لاءِ جنت ۾ گهر بڻائيندو.[1] (2) رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تہ جنهن مسجد انهي ڪري بڻائي تہ جيئن ان ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪيو وڃي تہ ان جي لاءِ جنت ۾ گهر بڻايو ويندو.[2]

ڪاش! اسان کي بہ مسجد بڻائڻ جي توفيق ملي. الله پاڪ وُسعت عطا فرمائي آهي تہ مڪمل مسجد بہ تعمير ڪرڻ گهرجي. وڏي سعادت جي ڳالھ آهي، جيڪڏهن ايتري وُسعت ناهي تہ خير...!! الله پاڪ جيتري توفيق بخشي آهي، مسجد جي تعمير و ترقي ۾ اوترو ئي حصو شامل ڪيو! مسجد جي تعمير جي لاءِ ريتي، بجري، سيمنٽ وغيره مهيا ڪرڻ، مسجد ۾ ضرورتاً ٽائلون وغيره لڳرائڻ، مسجد جو وضو خانو نهرائڻ، منبر نهرائڻ، صفن جو انتظام ڪرڻ وغِيره هي سڀ مسجد جي تعمير ۽ ترقي ئي جو حصو آهي. مسجد جي تعمير جي حوالي سان حضرت عبدالله بن رواح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو هڪ شعر آهي:

اَفْلَحَ مَنْ يُّعَالِجُ الْمَسَاجِدَا | وَيَقْرَءُ الْقُرْاٰنَ قَائِمًا وَّقَاعِدًا (3)

ترجمو: اهو ڪامياب آهي جيڪو مسجدون تعمير ڪري ٿو ۽ اٿندي ويهندي قرآن پڙهي ٿو.

اي عاشقانِ رسول! اسان کي مسجدون بڻائيون بہ آهن، ان سان گڏوگڏ مسجدن کي آباد بہ ڪرڻو آهي، نمازين جو تعداد بہ وڌائڻو آهي، پاڻ بہ مسجد ۾ دل

---

[1] مسلم، كتاب المساجد،باب فَضْلُ بِنَاءَ الْمَسَاجِدِ...الخ، صفحہ:197-198، حديث: 533 ملتقطاً۔
[2] ابن ماجہ، كتاب المساجد والجماعات ،باب من بنى لله مسجدا، صفحہ:127، حديث: 735۔
[3] ...وفا ء الوفاء، الباب الثالث فى اخبار سكانها...الخ، الفصل العاشر...الخ، جز:1 جلد:1، صفحہ:19۔

لڳائڻي آهي ۽ مدني قافلن جي ذريعي، درس و بيان جي ذريعي، مدرسة المدينہ بالغان جي ذريعي، علاقائي دوري ۽ نيڪي جي دعوت جي ذريعي ٻين کي مسجد جي طرف آڻڻو آهي.

## مسجد سان وابستگي جي ضرورت ۽ اهميت

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ مسجد ٻڌائڻ جي جيتري ضرورت آهي، ان کان وڌيڪ مسجدون آباد ڪرڻ جي ضرورت آهي. غور ڪيو! اڄ سڄي دنيا ۾ مسلمان جن مسائل ۾ گهيريل آهن، مجموعي طور تي ڪافر غالب ۽ مسلمان مغلوب آهن، اسان جو معاشرو جنهن راهه تي هلي رهيو آهي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي، دوکيبازي، بي ايماني، ماپ تور ۾ گهٽتائي، منافعي خوري، پاڻ ۾ لڙائي جهڳڙو، گهريلو مسئلا، وري چوري، ڌاڙو، قتل و غارت وغيره ڪيئي ناسور آهن جيڪي اسان جي معاشري کي تباهه ۽ برباد ڪندا پيا اچن، انهن سڀني مسئلن جي سبب تي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته ڪيئي سببن مان هڪ اهم ترين سبب پنهنجي مرڪز يعني مسجدن کان دوري بہ آهي. بدقسمتي سان مسلمانن جي اڪثريت مسجدن کان پري آهي ۽ اها مسجدن کان دوري ئي آهي جو جنهن جي سبب ضمير مرده ٿي رهيا آهن، انسانن جي اندران انسانيت متجي رهي آهي.

قوموں کے لئے موت ہے مرکز سے جُدائی
ہو صاحِبِ مرکز تو خُودی کیا ہے؟ خُدائی!

وضاحت: خُدائي يعني راڄ، حڪمراني، آقائي. يعني جيڪا قوم پنهنجي مرڪز کان ٽٽي وڃي، اها قوم زنده نٿي رهي سگهي بلڪ تباهه و برباد ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي مرڪز کان جُڙي وڃي ته طاقتور بڻجي ويندي آهي، هي قدرت جو قانون آهي ته جيڪا شيءِ پنهنجي مرڪز سان جيترو گهڻو

مضبوط هوندي، جيترو وڌيڪ جُڙيل هوندي، الله ڪريم ان کي اوترو ئي وڌيڪ ترقي، ڪاميابي، طاقت ۽ عروج عطا فرمائيندو آهي.

مسجد اسان جو مرڪز آهي، جيسيتائين مسلمان پنهنجي مرڪز سان مضبوط جڙيل هئا. ان وقت تائين مسلمان غالب هئا، جڏهن کان مسجدن کان دوري ٿي آهي، مسلمان پستي جي طرف وڌندا ئي وڃن پيا. اوهان دورِ صحابہ و تابعين ۽ بُزرگانِ دين جو دور ۽ اڄوڪي معاشري جو موازنو ڪري ڏسو! پهريان مسلمان غالب هئا، هاڻي مغلوب. پهريان مسلمان عروج تي هئا، هاڻي پست ٿي چڪا آهن. پهريان معاشري ۾ امانتدار گهڻا هئا، هاڻي دوکيبازي جو غلبو آهي. پهريان حيا عام هئي، هاڻي بيحيائي عام آهي. پهريان سچائي جو غلبو هيو، هاڻي ڪوڙ جي ڪثرت آهي. پهريان خيرخواهي، اُخوت ۽ ڀائيچاري جا جذبا غالب هئا، هاڻي حسد ساڙ عام آهي، ڀاءُ ڀاءُ جو گريبان پڪڙي رهيو آهي، اُخوت نالي ماتر بہ ناهي رهي، ڀائيچارو دم ٽوڙي رهيو آهي.

سبب ڪهڙو آهي؟ هن جو هڪ بنيادي سبب پنهنجي مرڪز يعني مسجد کان دوري بہ آهي. پهريان جا مسلمان مسجد سان تمام گهڻو مضبوط (يعني جڙيل هوندا) هئا، هي مسجد ۾ ايئن رهندا هئا جيئن مڇي پاڻي ۾ رهندي آهي پر هاڻي جا حالت آهي؟ هاڻي مسلمان مسجد ۾ ائين هوندا آهن جيئن پکي پڃري ۾ قيد هوندو آهي.

## صحابہ ڪرام و بزرگانِ دين جا مختصر واقعا

❁ حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ صحابي رسول آهن، سندن هڪ ننڍڙو پٽ هيو جنهن کان پاڻ کان تمام گهڻو پيار ڪندا هئا، خدا طرفان ڪجھ ايئن ٿيو جو هڪ ڀيري حضرت ابو عُمير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيمار ٿي پيو ۽ بيماري ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندي وئي.

پٽ بيمار هيو ئي، ان سان گڏوگڏ حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِيَ اللہ عَنْہُ پٽ جي غم ۾ بيحال ٿي رهيا هئا پر قربان وڃو! صحابہ ڪرام رَضِيَ اللہ عَنْهُم جي نيڪي سان محبت صد مرحبا..!! گهر ۾ پٽ بيمار هيو، ان جي باوجود حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِيَ اللہ عَنْہُ پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪندا هئا. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار جي درس ۾ شريڪ ٿيندا، قرآن ڪريم سکندا، احاديث مبارڪ پابندي سان ٻڌندا هئا، مطلب تہ پٽ جي بيمار هجڻ ۽ ان جو شديد صدمو هجڻ جي باوجود سندن ديني مصروفيتن ۾ ڪابہ ڪمي نہ آئي.

هڪ ڀيري حضرت ابوطلحہ رَضِيَ اللہ عَنْہُ مسجد ۾ هئا تہ سندن پٽ جو وصال ٿيو.

❁ هڪ نابين صحابي هيو، اکين جي نعمت مُيسر نہ هئي. ڪو ماڻهو بہ نہ هيو جو جنهن جو هٿ پڪڙي مسجد ويندو ڪري، رات جو اونداهہ بہ هوندي هئي، رستي ۾ نانگ وڇون وغيره جي نقصان پهچائڻ جو خطرو بہ هو، ان جي باوجود پاڻ مسجد سان اهڙي محبت رکندا هئا جو پنج ئي نمازون مسجد جي ۾ حاضر ٿي باجماعت ادا ڪندا هئا.[1] ❁ منهنجا آقا اعلي حضرت امام اهل سنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ مسجد کان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سخت بيمار ٿي پيا، ايترو تہ سخت بيمار ٿيا جو پاڻ وصيّت نامو بہ لکرائي ڇڏيو پر ان جي باوجود اهڙو باڪمال ايماني جذبو هيو جو بيماري جي ڏينهن بہ تمام نمازون مسجد ۾ وڃي باجماعت ادا ڪندا هئا. پاڻ ڪرسي تي ويهندا هئا ۽ 4 ماڻهو مسجد کڻي ويندا هئا.[2] اهڙي طرح مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آخري وقت تائين مسجد سان وابستہ رهيا، آخري عمر ۾ سندن نظر ڪمزور ٿي وئي هئي، ان جي باوجود پنج ئي نمازون مسجد ۾ وڃي ادا ڪندا هئا. ايستائين جو فجر جي وقت رستي ۾ اونداهہ هوندي هئي،

[1] ابو داؤد،کتاب الصلاۃ ،باب فی الشدید فی ترک الجماعۃ ،صفحہ:101 ،حدیث:552 ماخوذًا۔
[2] فتاویٰ رضویہ،جلد:9 ،صفحہ:547 بتغیر قلیل۔

ڏسڻ ۾ گهٽ ايندو هيو، ان جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مسجد وڃڻ کان نہ رڪيا، فجر جي نماز بہ مسجد ۾ باجماعت ادا ڪندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! اندازو ڪيو! هي ڪهڙو عظيم الشان جذبو آهي، مسجد سان ڪهڙي نہ حَسِين محبت آهي، اسان پنهنجو بہ حال ڏسون، اسان جي مٿي ۾ ٿورو سور ٿي پئي، ٿورو بخار اچي وڃي تہ مسجد جي حاضري کان محروم ٿي ويندا آهيون بلڪ ڪيترا تہ اهڙا آهن جيڪي معمولي بخار وغيره جي سبب نمازون بہ قضا ڪري ڇڏيندا هوندا، بازار وڃڻو پئجي ويو، نوڪري تي آهن، ڪو ڪم ياد اچي ويو تہ مسجد جي حاضري کان موڪل ڪندا آهن، باجماعت نماز جي صورت ۾ 27 نمازن جو جيڪو ثواب ملندو آهي ان کان بہ محروم ٿي ويندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. ڪاش! اسان کي بہ مسجد سان گهري محبت ۽ وابستگي نصيب ٿي وڃي.

مسجِدیں آباد ہوں اور سنّتیں بھی عام ہوں! | فیض کا دریا بہادو سرورا داتا پیا[2]

## مسجد سان وابستگي جون فضيلتون

❁ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پانهو مسجد ۾ وڃي باجماعت نماز ادا ڪندو آهي، مسجد ۾ ويندي ۽ ايندي وقت ان جي هر وک تي هڪ گناهہ معاف ٿيندو آهي ۽ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي.[3] ❁ بخاري مسلم جي حديث آهي: قيامت جي ڏينهن 7 قسم جا ماڻهو عرش الٰهي جي ڇانو ۾ هوندا، انهن مان هڪ اهو بہ هوندو جنهن جي دل ۾ مسجد ۾ لڳل رهندي آهي.[4]

---

[1] تذكرهٔ صدر الشريعه، صفحه:31 بتغير قليل۔

[2] …وسائل بخشش، صفحه:535۔

[3] مسند امام احمد، جلد:3، صفحه:560، حديث:6758۔

[4] بخاری،كتاب الاذن،باب من جلس فی المسجد ينتظر الصلاة...الخ، صفحه:225، حديث:660 ملتقطاً۔

اللهُ اکبر! ڪيتري پياري فضيلت آهي، قيامت جو ڏينهن ڪيترو هولناڪ ڏينهن هوندو، زمين ٽامي جي هوندي، سج هڪ ميل تي رهي ڪري باهه وسائي رهيو هوندو، گرمي ۽ تپش جي سبب ماڻهن جو برو حال هوندو، ماڻهون پنهنجي پگهر ۾ ٻيون هٽي رهيا هوندا، ان حالت ۾ مسجد سان محبت رکڻ وارن جي نرالي شان هوندي، مخلوق گرمي ۾ سڙي رهي هوندي ۽ هي خوش قسمت جن جي دل مسجد ۾ لڳل رهندي آهي، اهي عرش الٰهي جي ڇانوء ۾ راحت ۽ آرام ۾ هوندا.

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مُفلِس کیا مَول چکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (1)

ڪم ڪيترو سولو آهي ۽ انعام ڪيترو وڏو آهي، ڪرٽو ڇا آهي؟ پنهنجي دل مسجد ۾ لڳائي رکڻي آهي. مسجد ۾ نماز باجماعت ادا ڪئي، پنهنجي دڪان تي، ڪم تي هليا ويا، گهر هليا ويا پر اُتي وڃي دل مسجد جي طرف ئي لڳل آهي، ڌيان مسجد جي طرف آهي، انتظار ٿي رهيو تہ ڪڏهن ٻي نماز جو وقت ٿيندو، ڪڏهن مان مسجد ويندس، مسجد جي محبت ۾ بي تاب ٿي ڪري ٻانهو باربار وقت ڏسي رهيو آهي، دل ئي دل ۾ مسجد جو، نماز جو خيال اچي رهيو آهي، دل ۾ مسجد جي ياد آهي ۽ ضروري ڪمن ۾ مصروف آهي، مطلب تہ ٻانهو جتي بہ هجي، ان جي دل مسجد ئي ۾ لڳل هجي، هڪ نماز پڙهي ورتي، هاڻي ٻي نماز جو انتظار هجي، هي آهي مسجد ۾ دل لڳڻ، دل جو مسجد ۾ معلق رهڻ ۽ جنهن جي دل مسجد ۾ معلق رهندي آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن عرش الٰهي جي ڇانوء ۾ راحت و آرام نصيب ٿيندو.

1... حدائق بخشش ،صفحہ:186۔

هڪ ٻي ايمان تازو ڪندڙ حديث شريف ٻڌو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جهڙي طرح ڪو شخص وڃائجي وڃي (ان جا گهر وارا ان کي تلاش ڪندا وتن پر ان جو ڪٿي ڏس پتو نہ پوي، پوءِ ڪافي عرصي کان بعد اوچتو اهو وڃايل شخص گهر واپس اچي تہ) جيتري خوشي ان گهر وارن کي ٿيندي آهي، الله پاڪ ان ٻانهي کان اوترو ئي خوش ٿيندو آهي جيڪو مسجد کي ذڪرو نماز جي لاءِ پنهنجو گهر ٺائي وٺندو آهي.[1] الله پاڪ اسان کي مسجد جي محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم

## الله وارن جون مبارڪ عادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا بُزرگانِ دين، صحابہ، تابعين ۽ ٻين نيڪ ماڻهن جي سيرت پڙهو تہ خبر پوندي تہ هي الله وارا مسجدن سان ڪهڙي وابستگي ۽ محبت رکندا هئا. اچو! هن جي متعلق الله وارن جون 4 مبارڪ عادتون ٻڌون ٿا:

## (1) پهرين عادت: گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ

الله وارن جي مبارڪ عادت هئي تہ هي حضرات پنهنجو گهڻي کان گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ پسند ڪندا هئا بلڪ امام شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکيو آهي تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها مسجد جي قريب گهر ٺائڻ کي پسند ڪندا هئا تہ جيئن مسجد ۾ وڃڻ ۽ وڌ کان وڌ وقت مسجد ۾ گذارڻ ۾ آساني رهي. حضرت عطاء بن رباح رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 40 سال تائين مسجد کي پنهنجو گهر ٺائي رکيو(يعني مسجد ئي ۾ رهيا، بلاضرورت مسجد کان نڪرندا ئي نہ هئا) حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (کي مسجد سان اهڙي محبت هئي جو) فرمائيندا هئا: جيڪڏهن طبعي

[1] ابنِ ماجہ، كتاب المساجد و الجماعت، باب لزوم المساجد و انتظار الصلاة، صفحہ:136، حديث:800۔

حاجات نہ هجي ها تہ مان مسجد کان ڪڏهن ٻاهر نہ نڪران ها. حضرت ابوصادق رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مسجد ۾ ويهڻ لازم پڪڙيو! ڇوتہ مسجد ۾ ويهڻ نبين جو طريقو آهي.[1]

ڪاش! اسان کي بہ هي سعادت ملي، اسان پنهنجو گهٽي کان گهٽو وقت مسجد ۾ گذارڻ جي عادت ٺاهيون. اسان جو حال هيئن آهي جو پارڪن ۾ دل لڳي ٿي، هوٽلن تي دل لڳي ٿي، راند جي ميدانن ۾، فضول ڪمن ۾ بلڪ معاذالله! گناهن ڀري ڪمن ۾ دل لڳي ٿي، ها! دل نٿي لڳي تہ مسجد ۾ نٿي لڳي. هي حقيقت آهي، اسان جو معاشرو اهڙو ٿي ويو آهي جو ڪم ڪار کان واندڪائي ملي يا موڪل جو ڏينهن هجي تہ اسان مختلف پروگرام ٺاهي ويندا آهيون، ڪڏهن دوستن سان پڪنڪ تي وڃڻ، ڪڏهن تفريح گاهن جي زينت بڻجڻ آهي، ڪڏهن ڪٿي ڪاڏي جو پلان بڻجي ويو تہ ڪڏهن گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام بڻجي ويو. الله وارن جو انداز ڪهڙو هيو؟ انهن کي فرصت ملندي هئي تہ الله پاڪ جي گهر، مسجد ۾ پهچي ويندا هئا. ڪاش! اسان جو بہ اهڙو ذهن بڻجي وڃي.

## مسجد کي پنهنجو گهر ٺاهيو!

حضرت ابن عمير رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: دنيا ۾ مهمان بڻجي رهو ۽ مسجد کي پنهنجو گهر ٺاهيو (يعني جيئن گهر ۾ دل لڳندي آهي، مسجد ۾ ايئن دل لڳايو)![2]

ڇا تہ خوبصورت ڳالهہ ارشاد فرمائي وئي آهي، اسان مسجد سان اهڙو تعلق رکندا آهيون جيئن مسجد ڪو مسافرخانو هجي، اذان ٿي، مسجد آياسين، نماز

[1] تَنۡبِيۡهُ الۡمُغۡتَرِيۡن، الباب الثالث من جملة اخرى من الاخلاق صفحہ:137 بتقديم و تاخير۔
[2] حلية الاولياء ،جلد:1 ،صفحہ:438 ،حديث:1252۔

پڙهي ۽ واپس هليا وياسين، هي بہ تمام ٿورا ماڻهو ڪندا آهن، ڪيئي تہ اهڙا آهن جيڪي نمازن جي پرواهہ ئي ناهن ڪندا. اللہ پاڪ انهن کي توفيق بخشي ۽ اسان جي حال تي رحم فرمائي، خير! جيڪو نمازون پڙهندا آهن، انهن جو بہ هي حال آهي جو آيا، نماز پڙهي ۽ هليا ويا، جڏهن تہ اسان جي دڪان، اسان جي گهر سان اسان جو تعلق ڪيئن هوندو آهي؟ ان جي بلڪل اُبتڙ .....!! جهڙي طرح گهر اسان جي گهر ۾ دل لڳندي آهي، انهي طرح مسجد ۾ ناهي لڳندي. هي اسان جو حال آهي پر پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چا فرمائي رهيا آهن؟ مسجد کي پنهنجو گهر ٺاهيو..!!!

جڻ اسان کي هي تعليم ڏني پئي وڃي تہ جيڪو تعلق اڄ اسان پنهنجي گهر سان رکون ٿا، جهڙي دل جي وابستگي گهر سان آهي، اهڙي وابستگي مسجد سان اپنايو! اللہ پاڪ جي نبي حضرت عيسي عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيرو پنهنجي حوارين کي فرمايو: (اي حواريو...!!) پنهنجي) گهرن کي منزل (يعني عارضي قيام گاهہ ٺاهيو)! ۽ مسجدن کي پنهنجو مستقل نڪاڻو ٺاهيو..!![1]

لهٰذا ڪوشش ڪيو! جڏهن واندڪائي ملي، مسجد ۾ حاضر ٿي وڃو، جسيتائين مسجد ۾ رهندا، نيڪين جو ميٺر هلندو رهندو، شيطان کان بہ حفاظت رهندي جو مسجد شيطان کان بچڻ جي لاءِ مضبوط قلعو آهي، جيستائين مسجد ۾ رهندا دنيا جي فضول کان بچت رهندي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسجد جي فضا ايمان جي لاءِ فائديمند آهي(جو ان سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي)[2]

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، عيسى بن مريم، رقم:5519، جلد:47، صفحہ:423۔

[2] تفسيرِ نعيمى ،پاره:2،البقره،زيرِ آيت: 153،جلد:2 ،صفحہ:82 بتغير قليل

حضرت سعيد بن مُسيّب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهو جيستائين مسجد ۾ رهندو آهي، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دعا گهرندا رهندا آهن.[1] سُبْحٰنَ اللّٰه!

## (2) ٻئي عادت: مسجد ۾ پهريان اچڻ ۽ آخر ۾ وڃڻ

الله وارن جي ٻي چڱي عادت اها آهي ته هي ذي وقار حضرات مسجد ۾ سڀني کان پهريان ايندا ۽ سڀني کان آخر ۾ مسجد مان ويندا هئا. يعني اسان جي اڄڪلهه جي حالت جو بلڪل ابتڙ انداز هيو. اسان سڀني کان آخر ۾ مسجد ايندا آهيون ۽ سڀني کان پهريان مسجد مان نڪري ويندا آهيون، جمعي جي ڏينهن جو ئي انداز ڏسي وٺو! حالانڪ جمعو عيد جو ڏينهن آهي، جمعي جي ڏينهن هڪ نيڪي جي 70 نيڪي جي برابر هوندي آهي ان جي باوجود اسان وٽ ماڻهو جمعو پڙهڻ جي لاءِ ڪڏهن ايندا آهن؟ عين خطبي جي وقت بلڪ ڪجهه ته پڇي ڊوڙي مشڪل سان خطبي ۾ اچي شامل ٿيندا آهن ۽ واپس ڪڏهن ويندا آهن؟ جيئن فرض ادا ڪيو، سلام ورايو، دعا جو بہ انتظار ناهن ڪندا، جوتا پاتا ۽ هليا ويا..!!

الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي. الله وارن جو هي مبارڪ انداز هيو جو هي نيڪ ٻانها سڀ کان پهريان مسجد ۾ ايندا ۽ سڀني کان آخر ۾ مسجد مان نڪرندا هئا.

## پٽ کي مسجد سان لڳاءُ رکڻ جي تلقين

حضرت ابودرداد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي ارشاد فرمايو: پٽ! مسجد تنهنجو گهر هجڻ گهرجي، بيشڪ مون مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته مسجدون مُتقين (يعني پرهيزگارن) جا گهر آهن ۽

[1] تَنْبِيهُ الْمُغْتَرِين، الباب الثالث من جملة اخرى من الاخلاق،صفحہ:137۔

جنهن جو گهر مسجد هجي الله پاڪ ان جي مغفرت، رحمت ۽ جنت جي طرف وڃي ويندڙ پل صراط تان حفاظت سان گذارڻ جو ضامن بڻجي ويندو آهي.[1]

## ملائڪن جا ڪجھ پاڪيزه اوصاف

علامہ نجم الدين غزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: مسجد کي لازم پڪڙڻ، عبادت جي ذريعي مسجد آباد رکڻ، مسجد جي طرف اچڻ ۾ جلدي ڪرڻ ۽ دير کان مسجد مان نڪرڻ ملائڪن جا پاڪيزه وصف آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو! ملائڪ بہ اسان جي مسجدن ۾ ايندا آهن، هتي الله پاڪ جي تسبيح ڪندا آهن ۽ جيڪو بانھو مسجد ۾ ڪثرت سان ايندو آهي، گهڻي دير تائين ويهندو آهي، ملائڪ ان سان محبت ڪندا آهن.

## مسجد جا اوتاد

حديث شريف ۾ آهي، نبين جي نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ مسجدن جا ڪجھ اوتاد آهن(يعني اهڙا ماڻهو آهن، جن جي هجڻ سان مسجدون آباد رهنديون آهن)، ملائڪ انهن وٽ ويهندا آهن، جيڪڏهن هي ڪٿي غائب ٿي وڃن تہ ملائڪ انهن کي ڳولهيندا آهن، جيڪڏهن بيمار ٿي وڃن تہ انهن جي عيادت ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن مشڪل ۾ هجن تہ انهن جي مدد ڪندا آهن.[3]

## مسجد جي شيدائي جي لاءِ ملائڪن جو جلوس

ابن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪتاب الزهد ۾ روايت آندي آهي، لکن ٿا: جيڪو بانھو سڀ کان پهريان مسجد ۾ اچڻ ۽ آخر ۾ نڪرڻ جو عادي هجي، ان جو شان اهو آهي جو جڏهن اهو مسجد مان نڪرندو آهي تہ ملائڪ جهنڊا کڻي ان جي اڳيان

---

[1] مصنف ابنِ ابی شيبہ ،کتاب الزہد ،باب ماجاء فی لزوم المساجد ،جلد:8 ،صفحہ:172 ،حديث:1۔
[2] حُسْنُ التَّنَبُّه لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّه ،و منہا لزوم المساجد...الخ،جلد:1،صفحہ:265۔
[3] مسند امام احمد ،جلد:4 ،صفحہ:572 ،حديث:9664۔

اڳيان هلندا آهن، ايستائين جو اهو پنهنجي گهر پڄي ويندو آهي، پوءِ ملائڪ انهي حالت تي رهندا آهن، ايستائين جو جڏهن اهو ٻيهر مسجد ۾ وڃڻ جي لاءِ گهر مان نڪرندو آهي ته ملائڪ وري جهنڊا کڻي ان جي اڳيان اڳيان هلندا آهن.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو اعليٰ شان آهي. ڪاش! اسان به هي انداز اپنايون، جيئن ئي اذان ٿي بلڪ اذان ٿيڻ کان پهريان مسجد جي لاءِ نڪري پئون، سيني کان پهريان مسجد ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪيون، پوءِ نماز کان بعد به ڪجهه وقت مسجد ۾ گذارڻ جي عادت بڻايون، نماز کان بعد ذڪرالله ڪيون، درود شريف پڙهون، قرآن ڪريم جي تلاوت ڪيون ۽ گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ کان بعد مسجد مان نڪرون. الله پاڪ اسان کي هي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) مسجد جي صفائي سٿرائي جو خيال رکڻ

الله وارن جي ٿئين چڱي عادت هي آهي ته اُهي نيڪ بزرگ هستيون مسجد جي صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکنديون هيون. هي به انبياء جي سُنت آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَعَهِدْنَاۤ اِلٰۤى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآىِٕفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ﴿۱۲۵﴾

(پاره:1،البقرة : 125)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد فرمائي ته منهنجو گهر طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجود ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڪ صاف رکو.

---

[1] ڪتاب الزهد لا بن المبارک،صفحه:363

هن آيت مبارڪ جي تفسير ۾ مشهور مُفسر، حڪيم الأُمت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسجدن کي گندگي ۽ ڪچري کان پاڪ رکڻ نهايت ضروري آهي ڇوته مسجد جي تعظيم ڪعبہ معظمہ وانگر آهي انهي ڪري ڪعبي شريف جيان مسجد جي ڇت تي بلاضرورت چڙهڻ منع آهي ۽ ڪعبي جي صفائي جو تہ هن آيتِ ڪريمہ ۾ حڪم ڏنو ويو آهي تنهنڪري تمام مسجدن جي لاءِ بہ اهو ئي حڪم ثابت ٿيندو.[1]

## مسجد جي صفائي تي انوکو انعام

حضرت عُبَيد بن مَرزُوق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ مديني شريف ۾ هڪ عورت مسجد جي صفائي ڪندي هئي، جڏهن ان جي وفات ٿي تہ پاڪ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي باري ۾ خبر نہ ڏني وئي، هڪ ڀيري حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي قبر جي ويجهو کان گذرندي پڇا ڪئي تہ اها ڪنهن جي قبر آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اُمِّ مِحجَنْ جي. "فرمايائون:" هي اها عورت آهي جيڪا مسجد جي صفائي ڪندي هئي؟ تہ صحابہ ڪرام عرض ڪيو، ”جي ها“ تہ پاڪ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي ان جي قبر وٽ صف ناهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي جنازي نماز پڙهائي، پوءِ ان عورت سان مخاطب ٿيندي فرمايائون، تو ڪهڙو ڪم سڀ کان بهتر ڏٺو، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو، يارَسُول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! ڇا اها ٻڌي رهي آهي، ارشاد فرمايائون: توهان هن کان وڌيڪ ٻڌڻ وارا نہ آهيو، پوءِ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هن عورت منهنجي سوال جي جواب ۾ چيو: مسجد جي صفائي کي (مون سيني کان افضل عمل ڏٺو).[2]

---

[1] تفسير نعيمى ،پاره:1 ،البقره،زيرِ آيت:125 ،جلد:1 ،صفحہ:714۔

[2] الترغيب والترهيب ،كتاب الصلوة، الترغيب فى تنظيف المساجد وتطهيرها الخ ، رقم ۴ ، ج ۱، ص ۱۲۲

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مسجد سان محبت ڪرڻ ۽ ان جي صاف سٿرائي ۾ حصو وٺڻ ڪيڏو نہ پيارو عمل آهي ان جي برڪت سان ان عورت جي جنازي نماز اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پڙهائي.

الله پاڪ اسان کي بہ عمل جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان بہ مسجد جي صفائي سٿرائي ڪندا ڪيون. اسان وٽ اڄڪلهہ صفائي جي لاءِ خادم رکيا ويندا آهن، هي بہ درست آهي، جائز آهي، البتہ جڏهن جڏهن موقعو ملي پاڻ بہ صفائي جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي، ڪڏهن مسجد جو صفون چنڊيو، ڪڏهن مسجد ۾ ٻهارو لڳايو، موقعو ملي تہ مسجد جي وضو خاني ۽ واشروم وغيره جي صفائي ڪرڻ بہ يقيناً سعادت جي ڳالهہ آهي. ان کان ڳڏوڳڏ جيڪڏهن اسان پڪو ذهن ٺاهيون ۽ توجهہ رکندا ڪيون نهايت آساني سان بہ مسجد جي صفائي جو ثواب ڪمائي سگهون ٿا، مسجد ۾ صفائي جي باوجود بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪک پن رهجي ويندو آهي، توجهہ رکو، ڪو ڪک وغيره ڏسو تہ کڻي وٺندا ڪيو، منهنجي شيخ طريقت، امير اهل سنت جي عادت ڪريمہ آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪيسي ۾ ٿيلهي رکندا آهن، جتي ڪو ڪک يا وار وغيره نظر آيو، کڻي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن.[1] هي انداز اختيار ڪري بہ مسجد جي صفائي جو ثواب ڪمائي سگهجي ٿو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) مسجد جو احترام ڪرڻ

مسجد جي حوالي سان الله وارن جي چوٿين چڱي عادت آهي: مسجد جو اَدب ۽ احترام ڪرڻ. هي نهايت ئي ضروري ڳالهہ آهي ڇوتہ مسجد جي بي ادبي جي سبب نيڪيون ضايع ٿيڻ جو سخت انديشو آهي.

---

[1] پیکرِ شرم و حیا، (تذکرۂ امیرِ اہلسنت، قسط:7)، صفحہ:17۔

اسان جا بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها مسجد جو تمام گهڻو ادب و احترام ڪندا هئا. ❁ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون مسجد ۾ ڪڏهن به ڪنهن شيءِ سان نه ٽيڪ لڳائي نه ان ۾ پير ڊگهيڙيا نه ڪڏهن ان ۾ دنياوي گفتگو ڪيم.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها ڳالهه ان لاءِ ارشاد فرمائي ته جيئن ان جي پيروي ڪئي وڃي. ❁ حضرت خَلَف بِن اَيُّوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد ۾ تشريف فرما هئا ته هڪ ڇوڪري سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ڪا ڳالهه پڇي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٿي ڪري مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي آيا پوءِ ان ڇوڪري جي ڳالهه جو جواب ڏنائون. جڏهن ڪائين ان جو سبب پڇيو ويو ته ارشاد فرمايائون ”مون هيترن هيترن سالن کان مسجد ۾ دنياوي گفتگو ناهي ڪئي.“ [1]

انهي طرح حضرت علي بن خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد جي ادب ۽ ان جي احترام جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا.

## هڪ ولي ڪامل جون ڪجھ مبارڪ ادائون

سندن عادت مبارڪ هئي ته جڏهن به مسجد اچڻو پوي ته گهران وضو ساري ايندا هئا، بي وضو هجڻ جي حالت ۾ مسجد جي دروازي کان اندر اچڻ به ڪين پسند نه هيو.[2] جڏهن مسجد ۾ تشريف کڻي ايندا هئا ته مسجد جي بي ادبي جي خوف سبب ڏڪڻ لڳندا هئا.[3] انهي طرح حضرت علي خواص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تنها مسجد ۾ وڃڻ پسند نه ڪندا هئا، پاڻ مسجد جي دروازي تي ويهي رهندا هئا، جڏهن ڪو ٻيو شخص ايندو هيو ته ان جي پٺيان پٺيان مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا

---

[1] تنبيه الغافلين، ص. 167

[2] لَوَاقِحُ الْاَنْوَار، العہد العاشر فی اکرام المساجد،جلد:1 ،صفحہ:114۔

[3] لَوَاقِحُ الْاَنْوَار ، العہد العاشر فی اکرام المساجد،جلد:1 ،صفحہ:114۔

۾ فرمائيندا هئا: مان ان لائق ناهيان جو بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿي سگهان (انهي ڪري ٻين جي تابع ٿي اچان ٿو)[1]

الله اڪبر! ڪهڙو نہ انوکو انداز آهي، غور فرمايو! تہ هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيتري قدر مسجد جي آداب جو لحاظ رکندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ اسان مسجد جي آداب جو خوب لحاظ رکون. اڄڪلهہ معلومات جي تمام گهڻي کمي آهي، مسجد جا آداب ڪهڙا آهن، ماڻهن کي ان جي خبر ئي ناهي هوندي. مسجد ۾ ايندا آهن، يقيناً نيڪي جي نيت سان ئي ايندا آهن پر معلومات جي کمي جي سبب مسجد جون بي ادبيون ڪري رهيا هوندا آهن، ايندا آهن نيڪيون ڪمائڻ پر نيڪيون ضايع ڪري هليا ويندا آهن.

## مسجد جي بي ادبي جون ڪجهہ صورتون

### (1) مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ

❁ مسجد ۾ دنياوي گفتگو ڪرڻ مسجد جي سخت بي ادبي آهي. تفسير مدارڪ شريف ۾ آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظم آهي: مسجد ۾ دنياوي ڳالهہ ٻولهہ نيڪين کي ائين کائي ڇڏيندي آهي جيئن چوپايا گاهہ کي کائيندا آهن.[2] ❁ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: "هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا تہ ان وقت انهن ماڻهن وٽ توهان نہ ويهو، الله پاڪ کي انهن ماڻهن جي ڪجهہ پرواهہ ناهي."[3]

امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: جيڪو مسجد ۾ دنيا جي ڳالهہ ڪري، الله پاڪ ان جا 40 سالن جا (نيڪ) عمل برباد ڪري ڇڏيندو آهي.[4]

---

[1] لَوَاقحُ الْاَنْوَار ، العهد العاشر فی اکرام المساجد،جلد:1 ،صفحہ:114بتغير قليل۔
[2] کشفُ الخفاء،جلد:1 ،صفحہ:315، حديث:1119۔
[3] شعب الإيمان، باب في الصلٰوت، فصل المشي إلى المساجد، ۸۶/۳ ،حديث: ۲۹۶۲
[4] فتاویٰ رضويہ،جلد:16،صفحہ:311 ۔

## چادر ويڙهي ان سان ماريو

حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن ماڻهن کي مسجد ۾ وڏيک ويهڻ کان منع ڪندا هئا جيڪي مسجد جي آدابن کان اڻ واقف هئا، هڪ ڀيري عَلَيۡهِ السَّلَام مسجد ۾ ڪن ماڻهن کي وڻنل ڏٺو، جيڪي فضول ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ پاڻ پنهنجي چادر کي ويڙهي انهن کي ماريو ۽ اتان ڪان ڪڍي ڇڏيو ۽ فرمايو: توهان الله پاڪ جي گهرن کي دنيا جي بازار ٺاهي رکيو آهي حالانڪ اهي تہ آخرت جا بازار آهن.[1]

**اهڙي طرح مسجد جي ادب جي حوالي سان هڪ ٻي روايت آهي تہ حضرتِ** سائب بن يزيد رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا، مان مسجد ۾ ليٽل هئس تہ مون کي ڪنهن پٿري هنئي. مون ڏٺو تہ اهي حضرتِ امير المُؤمنين عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ عَنۡهُ هئا. انهن مون کي فرمايو: ”وڃ ۽ انهن ٻنهي شخصن کي مون وٽ وٺي اچو!“. مان انهن ٻنهي کي وٺي آيس. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ انهن کان پڇا فرمايو،” توهان ڪهڙي شهر سان تعلق رکو ٿا؟ عرض ڪيائون، طائف سان. فرمايائون، ”جيڪڏهن توهان مدينهءِ منوره جا رهڻ وارا هجو ها تہ مان توهان کي ضرور سزا ڏيان ها (ڇو تہ) توهان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند ٿا ڪريو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪيو! هڪ پاسي تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن ۽ ٻئي پاسي اسان آهيون جو مسجدن جي آدابن کان بلڪل اڻ واقف آهيون. الله پاڪ اسان کي مسجد جو ادب ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

## (2) مسجد ۾ کلڻ

❁ اهڙي طرح مسجد ۾ کلڻ بہ مسجد جي احترام جي خلاف آهي پر ماڻهو

---

[1] تَنْبِيهُ الْمُغْتَرِين،الباب الثالث من جملة اخرى من الاخلاق،صفحہ:137۔
[2] بخاری،کتاب الصلوٰۃ،باب رفع الصوت فی

مسجد ۾ وڏا ٽهڪ ڏئي کلي رهيا هوندا آهن. حديث پاڪ ۾ آهي: سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مسجد ۾ کِلڻ قبر ۾ اونداهي (آٽيندو) آهي.[1]

## مرڪڻ، کلڻ ۽ ٽهڪڻ ڏيڻ جي تعريف

الله اڪبر! جڏهن مسجد ۾ کلڻ جو اهو حال آهي ته اتي ٽهڪ ڏيڻ جو وبال ڇا هوندو؟ ها مسجد ۾ ضرورت موجب مسڪرائڻ منع ناهي، مسڪرائڻ جي تعريف هي آهي ته اهڙي طرح کلڻ جو آواز نه پاڻ کي ٻڌڻ ۾ اچي نه پر واري کي ٻڌڻ ۾ اچي.[2] کلڻ جي تعريف هي آهي ته ايترو آواز سان کلڻ جو پاڻ پنهنجو آواز ٻڌي پر واري تائين آواز نه وڃي.[3] ۽ ٽهڪ ڏيڻ يعني ايترو آواز سان کلڻ جو ٻيو هجي ها ته اهو به ٻڌي وٺي ها.[4] سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٽهڪ ڏئي نه کِليا.[5]

## (3) مسجد کي بدبودار ڪرڻ

❁ اهڙي طرح مسجد کي هرقسم بدبوءِ کان بچائڻ واجب آهي، ❁ ڪچي مُوري، ڪچو بصر، ڪچي ٿوم ۽ هر اها شيءِ جنهن جي بوءِ ناپسند هجي، اها کائي مسجد ۾ ان وقت تائين وڃڻ جائز ناهي جيستائين هٿ ۽ وات وغيره ۾ بوءِ باقي هجي جو فرشتن ۽ ٻين نمازين کي ان سان تڪليف ٿيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن بصر، ٿوم يا گندنا (ٿوم جهڙي هڪ ڀاڃي) کاڌي هجي اهو اسان جي مسجد جي ويجهو هرگز

---

[1] مسند فردوس ،جلد:2 ،صفحه:431،حديث:3891۔
[2] التعريفات للجرجاني ص 38
[3] التعريفات للجرجاني ص 98
[4] التعريفات للجرجاني ص126
[5] وَسَائِلُ الوُصُوْل ،الباب الثانی ،الفصل الثامن ،صفحه:97۔

نہ اچي.“[1] ۽ فرمايائون: ”جيڪڏهن ڪائڻ ئي چاهيو تہ پچائي ان جي بوءِ ختم ڪريو.“ [2]

اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: مسجد ۾ مٽي جو تيل ساڙڻ حرام، مسجد ۾ ڏيئو ٻارڻ حرام، ايستائين جو حديث پاڪ ۾ آهي: مسجد ۾ ڪچو گوشت کڻي وڃڻ بہ ناجائز آهي.[3] حالانڪ ڪچي گوشت جي بُو نهايت هلڪي هوندي آهي.[4]

## (4) ميرو لباس پائي مسجد ۾ اچڻ

❁انهي طرح ميرو لباس پائي مسجد ۾ نہ اچڻ گهرجي، ان مان بہ بعض اوقات بدبو اچي رهي هوندي آهي. هونئن بہ ميرا ڪپڙا پائي مسجد ۾ وڃڻ هڪ باادب انسان کي سونهي نٿو. اسان ٿورو غور ڪيون، اسان جڏهن صبح آفيس ويندا آهيون، شادي مرادي ۾ شرڪت ٿيندي آهي، ڪنهن وڏي آفيسر وٽ وڃڻو هوندو آهي تہ اسان کهڙو لباس پائي ويندا آهيون پر افسوس! جڏهن پنهنجي پاڪ پروردگار جي بلند بارگاهہ ۾ حاضري ٿيندي آهي، ان وقت اسان تيار ٿيڻ ۽ سٺو لباس پائڻ جو فڪر ئي ناهيون ڪندا.

## (5) ٻارن کي مسجد ۾ کڻي اچڻ

❁انهي طرح ننڍن ناسمجهہ ٻارن کي مسجد ۾ کڻي اچڻ بہ مسجد جي احترام جي خلاف ۽ ناجائز آهي. حديث شريف ۾ آهي: مسجدن کي ٻارن ۽ چرين ۽ خريد و فروخت ۽ لڙائي جهڳڙي ۽ آواز بلند ڪرڻ کان بچايو.[5]

---

[1] صحيح مسلم ص 282 حديث 564

[2] ابوداود ج 3، ص 506، حديث 3827

[3] ابنِ ماجہ ،ڪتاب المساجد و الجماعات،باب ما يکره فی المساجد،صفحہ:129 ،حديث:748۔

[4] فتاویٰ رضويہ ،جلد:16 ،صفحہ:232۔

[5] ابنِ ماجہ ،ڪتاب المساجد و الجماعات،با ما يکره فی المساجد،صفحہ:129 ،حديث:750۔

## (6) نظافت جو خيال نہ رکڻ

انهي طرح مسجد ۾ ڪنهن قسم جو ڪِن ڪچرو اڇلائڻ بہ بي ادبي آهي. ايستائين جو مسجد ۾ معمولي ڪک بہ نتا اڇلائي سگهون. عالم سڳورا فرمائن ٿا: مسجد ۾ جيڪڏهن معمولي ڪک يا ذرو بہ اڇليو وڃي تہ ان سان مسجد کي ايتري قدر تڪليف ٿيندي آهي جيتري قدر انسان کي پنهنجي اک ۾ معمولي ذرو پئجي وڃڻ سان تيندي آهي.[1] انهيءَ طرح مسجد ۾ اعضاءِ وضو کان وِضو جي پاڻِي جا ڦڙا ڪيرائڻ ناجائز و گناه آهي.[2] ماڻهن کي هن جي معلومات ئي ناهي هوندي، وضو ڪندا آهن ۽ ايئن ئي ٻانهون نپوڙيندي مسجد ۾ اچي ويندا آهن، مسجد ۾ وضو جي پاڻي جا ڦڙا ڪري رهيا هوندا آهن، آلا پير قالين ۽ فراسين تي پوندا آهن تہ قالين بہ آلوده ٿي ويندا آهن. هن کان بچڻ نهايت ضروري آهي.

## (7) مسجد ۾ شور ڪرڻ

انهي طرح مسجد ۾ شور شرابو ڪرڻ بہ بي ادبي آهي. ايستائين جو مسجد ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان آواز پيدا ٿئي هي بہ منع آهي. لهذا ان جو بہ لازمي خيال رکڻ گهرجي. مسجد جي فرش تي ڪا شيءِ زور سان نہ اڇلي وڃي ۽ چادر يا رومال وغيره سان فرش اهڙي طرح نہ چنڊيو جو آواز پيدا ٿي(مسجد جي صفائي ڪرڻ وارن کي گهٽي احتياط سان ڪم وٺڻ گهرجي).[3]

ڪرو مسجدوں کا ادب میرے بھائی!
کہ تم پر بھی ہو فضلِ رب میرے بھائی!

---

[1] جذب القلوب،صفحہ:222۔
[2] فيضانِ نماز (فيضانِ سنت جلد:3 کا ایک باب)،صفحہ:244 ۔
[3] فيضانِ نماز (فيضانِ سنت جلد:3 کا ایک باب)،صفحہ:244 خلاصۃً۔

الله پاڪ اسان کي مسجد سان ڪامل وابستگي نصيب فرمائي، اسان جي مسجد ۾ دل لڳي. ڪاش! مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ وارا بڻجي وڃون، گهڻو وقت مسجد ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! مسجد جو ادب و احترام ڪرڻ، ان کي آباد رکڻ، ان جي صفائي سترائي جو خيال رکڻ ۽ هر قسم جي بي ادبي کان بچڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، نيڪين جو جذبو وڌائڻ ۽ باجماعت نماز جي عادَت پڪي ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، الله پاڪ جي فضل سان، اُن جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احسان ۽ اَولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوت اسلامي الحمد لله! مسجِد پريو تحريڪ آهي، الحمد لله! دعوتِ اسلامي مسجدون بڻائي بہ ٿي ۽ انهن کي آباد بہ ڪري ٿي. اوهان بہ دعوتِ اسلامي سان گڏجي ”پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش“ ۾ لڳي وڃو، خوب وڌ کان وڌ 12 ديني ڪمن ۾ حِصو وٺو ۽ دُنيا و آخرت جون برڪتون ماڻيو!

12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! سڄي دنيا ۾ عاشقانِ رسول سُنتن جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سَفَر ڪندا رهن ٿا، اوهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر جي عادَت بڻايو.

## نشئي جي اِصلاح ٿي وئي

ڪراچي جو هڪ شخص ننڍي هوندي کان نشي جو عادي هو، صُبح ناشتي جي بدران چرس ۽ هيروئن جو نشو ڪندو هو، ڪيئي پيرا ڊاڪٽرن وٽان علاج

ڪرايو پر نشي جي عادت ختم ڪانہ ٿي سگهي، بين گُناهن جي دلدل ۾ بہ ڦاٿل هو، شادي ڪان پوءِ گهرواريءَ ۽ ٻار بہ ان جي ڪري پريشان رهندا هئا، ڪنهن نموني رَبِيع الاوّل ۾ عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ پهتو، اتي هڪ وڏي عمر جي مبلغ دعوتِ اسلامي ان تي شفقت ڪئي ۽ ان جو ذهن بڻيو تہ مان 12 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس، مَدَني قافلي ۾ شُروع ۾ ان کي نشو نہ ڪرڻ تي تڪليف تہ ٿي، نہ چڱي طرح ننڊ ايندي هئي، نہ بک لڳندي هئي، پر هو عبادت ۾ لڳل رهيو ۽ روئي روئي پنهنجي گُناهن جي معافي گهرندو رهيو، چار يا پنج ڏينهن ڪان پوءِ ان کي بُک لڳڻ شروع ٿي ۽ رات ۾ ننڊ بہ اچڻ لڳي، مَدَني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان نشي مان ان جي جان ڇُٽي، بلڪ هو پنج وَقت جي فَرض نماز بلڪہ تَهجُّد ۽ اِشراق و چاشت بہ پڙهڻ لڳو، مٿي تي عمامو شريف بہ سجائي ورتو، ان جو چوڻ آهي تہ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچي مون کي هڪ نئين زندگي ملي الحمد لله منهنجا ٻار ٻچا پڻ هاڻي مون ڪان خوش آهن.

اے شرابی تو آ، آجُواری تو آ | چُھوٹیں بدعادتیں قافلے میں چلو[1]

## اَوقاتُ الصَّلٰوۃ“ موبائل ايپلي ڪيشن

**اي عاشقان رسول!** الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمَارٽ فون (*smartphone*) جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي:*Prayer Times* (يعني اَوقاتُ الصّلوٰۃ) . هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان نمازن جا وقت معلوم ڪري سگهجن ٿا، هن ۾ ڪمپاس بہ ڏنو ويو آهي،

[1]...وسائلِ بخشش،صفحہ:677۔

جنهن جي مدد سان قبلي جي دُرست طرف معلوم ڪري سگهجي ٿو، ان کان عِلاوه ڊيجيٽل تسبيح، اسلامي ڪيلنڊر، مختلف اَوراد ۽ وَظائِف وغيره بہ شامِل آهن. اوهان بہ پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيري سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ جون سنتون ۽آداب

”هڪ چپ هزار سُک“ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جا 12 مَدَني گل ٻڌي ونون ٿا: (1) مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ سنّت آهي (2) مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي جي نزديڪ توهان معزز رهندؤ (3) وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلھ دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي (4) ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي

[1] مشکوٰۃ الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت ٻڌايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ بار بہ آدب سڪندو (5) ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالھ ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي (6) جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽي پنهنجي ڳالھ شروع ڪرڻ سنّت ناهي (7) ڳالھ ٻولھ ڪندي بلڪ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽهڪ نہ ڏيو ڇوتہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو (8) گهٽو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي (9) سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي تہ اُن جي ويجهڙائي ۾ صحبت اختيار ڪريو ڇوتہ اُن کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي.[1] (10) “فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم”:جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.[2] (11) “ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي (12) بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بلااجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي.[3] ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھ) کان ڪم وٺي ٿو.“

---

[1] سنن ابن ماجه، ج 4 ص 422 الحديث 4101

[2] سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509

[3] فتاوي رضويه، ج 21 ص 127

**مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو کتاب بهارِ شريعت جلد:**3 **حصّو:** 16، **۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جو** 91 **صفحن جو رسالو** 550 **سنّتون ۽ آداب** **خريد ڪيو ۽ پڙهو،**

**الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد　　صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455